# جهمٽمل واڌواڻي

آزاديءَ جو اُپاسڪ

پريزيڊنٽ، وويڪانند ايجوڪيشن ٽرسٽ،

پريزيڊنٽ، ڀارتيه سنڌو سڀا



Jhamatmal Wadhwani

Freedom Fighter, Educationist and Social Reformer,

*President,* 'Vivekanand Education Trust',

*President,* 'Bharatiya Sindhu Sabha'

پراچين سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ سان وابسته سنڌي جاتي،
صدين کان اَنيڪ تجربن سان هم ڪنار رهي آهي. سنڌين
پنهنجي علم، ادب ۽ هنر جي قابليت سان اِتهاس ۾ سوين
ورق لکيا آهن. هنن پنهنجي هنر سان ڪڏهن ڪپڙو ايجاد
ڪيو، ته ڪڏهن بينڪنگ سسٽم جو بنياد وڌو.

ڪيترن سنڌي سپوتن واپار جو ڦهلاءُ ڪندي ڏيساورن ۾ به
پنهنجون شاخون کوليون.

گذريل پارت جي سنڌي سماجهڙن کي ڏاڍي ڪشمڪش سان
منهن ڏيڻو پيو، هنن کهڙيون تڪليفون ڏٺيون ۽ کهڙيون
حاصلاتون ماڻيون، اُن سلسلي جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ اَڄ اَسان سان
گڏ آهي وويڪانند ايديوڪيشن سوسائٽيءَ جو پريزيڊنٽ،
**جهمٽ مل واڌواڻي.** هوُ چوراسي سالن جي عمر ۾ پڻ
پنهنجي جيون جي هر پل کي جاتيءَ جي بهبوديءَ لاءِ خرچ
ڪري رهيو آهي.

**جوَهراڻي:** **توهين پنهنجي شاگرداڻي دؤر کان وٺي ديش ڀڳتيءَ سان جُڙيل رهيا آهيو! اُن تي ڪجهه روشني وجهندي پنهنجي جنم ۽ پريوار جي باري ۾ ٻڌائيندا؟**

**واڌواڻي:** منهنجو جنم سکر (سنڌ) ۾ ٿيو. اُتي ڪافي وقت رهيس. ڇاڪاڻ ته منهنجو پيءُ ريلوي ۾ سروس ڪندڙ هئو. ان ڪري اَسان کي ريلوي ڪالونيءَ ۾ ڪوارٽر هئو. مان جڏهن ڏهن سالن جو هوس؛ تڏهن گانڌيجيءَ وديشي ڪپڙن ساڙڻ لاءِ تحرڪ هلايو هو. مون اُن ۾ ڀاڱ ورتو. اَسان اُتي ريلوي ڪالونيءَ ۾ سڀ وديشي ڪپڙا گڏ ڪري جلايا. اُن ڪاريه سبب منهنجي پيءُ لاءِ شڪايت ٿي ته هيءُ سرڪار جي ريلوي ڪالونيءَ ۾ رهندو آهي ۽ تنهن هوندي به سندس پٽ هي ڇا پيو ڪري! اُها منهنجي زندگيءَ جي پهرين Risk هئي، جنهن سبب منهنجي گهر جا ڀاتي به تڪليف ۾ اَچي ويا هئا.

**جوَهراڻي:** **ڇا ائين چئجي ته توهان کي مهاتما گانڌيءَ جي آدرشن مان ديش ڀڳتيءَ جي پريرڻا ملي؟**

**واڌواڻي:** جيڪو ڪتابن ۾ پڙهندا هئاسين، اِسڪولن ۾ پڙهندا ۽ گيت ڳائيندا هئاسين. اِسڪول جي وايو منڊل مان ئي اُن جو نرماڻ ٿيو.

**جوَهراڻي:** **توهان سنڌ ۾ اَصل ڪهڙي حصي سان وابسته آهيو ۽ اُتي وڏن جو ڪهڙو ڪاروبار هئو؟**

**واڌواڻي:** مان اَصل خيرپور ميرس جو رهندڙ آهيان. اُتي هڪ ڏکڻي واڌواڻي گلي هئي، جتي کيترائي ماڻهو رهندا هئا. پر منهنجو جنم سکر ۾ ٿيو؛ جتي منهنجو پيءُ نوڪري ڪندو هئو. پوءِ ته مان گهڻن ئي هنڌ ويس، ڇاڪاڻ ته منهنجي پتا جي بدلي ٿيندي رهندي هئي.

**جوَهراڻي:** **پتا صاحب جي بدليءَ ڪري توهان تعليم پڻ الڳ الڳ جڳهين تي ورتي هوندي؟**

**واڌواڻي:** ڪجهه تعليم سکر ۾ ۽ تنهن کانپوءِ حيدرآباد؛ جتان مون

اِنٽر آرٽس پاس ڪئي. بعد ۾ ڪراچيءَ مان Law پاس ڪيم ۽ پوءِ اَچي حيدرآباد ۾ Settle ٿيس.

**جوَهراڻي: توهان آزاديءَ جي تحريڪ ۾ به ڪجهه بهرو ورتو؟**

واڌواڻي: مان ننڍو سمجهان ته مون ورتو. پر مون ١٩٣٩ع ۾ راشٽريه سويم سيوڪ سنگهه ۾ داخلا ورتي. مان مينارام هاسٽل ۾ رهندو هوس. اُتي ٻيا به ڪيترائي شاگرد رهندا هئا، جيڪي صبح جو شاخا ۾ لٺ کڻي ويندا هئا. مونکي خيال آيو ته هيءُ ڇا آهي! هنن چيو ته اهو Self Defence لاءِ ضروري آهي ته اَسين ’لاٺي ڪاٺي‘ سکون.

پر مان جڏهن اُتي ويس ته خبر پيئي ته ’لاٺي ڪاٺي‘ ته ان جو ٻاهريون روپ آهي، پر جيڪي هنن جا پاشڻ ۽ پربوڌڪ هئا، ٽريننگ ڪيمپس هيون، اُنهن مان آءٌ گهڻو ڪجهه سکيس، جن جو ’لاٺي-ڪاٺي‘ سان تمام ٿورو واسطو هئو. جيون جو هڪڙو Vision هو ته ڇا ڪرڻ کپي! سنگهٺت جيون جي اَهميت ڇا آهي! اُن سنگهٺن جو ڪيئن نرماڻ ٿئي! اُن جي پريڪٽس، Procedure؛ اُهو سڀ اَسين اُتي سکياسين.

**جوَهراڻي: چوندا آهن ته اَسان جي رهبرن ئي اَسان جون راهون منجهايون ۽ اَسان کي طوفانن جي حوالي ڪري پاڻ وڃي ڪنارن تي ويٺا. اَسان جي اَڳوانن ورهاڱي کي جنهن روپ ۾ قبول ڪيو؛ سو صحيح هئو يا غلط؟**

واڌواڻي: مون کي لڳي ٿو ته اهو تمام غلط هو! ڪجهه به Resistance ڪونه هو! اُن مهل ڪانگريس جا وڏا اَڳوان ماڻهن کي ڇڏي جلد ئي سنڌ مان نڪري ويا. مون کي خبر آهي ته ڪوئٽيا مان فسادن ڪانپوءِ اُتان جڏهن ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي موٽيو، ته مان به ٻين سان گڏ حيدرآباد جي ريلوي اسٽيشن تي ڪيس ملڻ ويس. هن ٻڌايو ته ڪوئٽيا ۾ حالتون تمام خراب آهن. هتي به حالتن خراب ٿيڻ جو اِمڪان آهي. تنهن ڪري هتي رهڻ ممڪن ناهي! اٿين ڇئي پاڻ پاسي واري ٻي هڪ ننڍي گاڏي، جيڪا مارواڙ وڃڻ لاءِ هوندي هئي، اُن ۾ ئي هليو ويو. اُتي لوڪل ماڻهن جي کهڙي حالت

هئي، سماج لاءِ ڇا ڪجي؛ اُنهن کي ڪيئن ڪڍجي؟اُهو ڇڏي هوُ، سڀ پڇي ويا!

پوءِ بہ مان  ڊسمبر ١٩٤٨ع تائين هڪ سال اُتي رهيس. اُن جا بہ سبب هئا: هڪڙو تہ مان اُن ١٩٤٧ع واري دور ۾ پرم پوجنيہ گروجيءَ وٽ ميرٺ ويس. ٧ آگسٽ ١٩٤٧ع تي گرو جي سنڌ ۾ آيو هو. ١٥ آگسٽ تي ورهاڱو ٿيو. سموري سنڌ ۾ وڏي ريلي ڪڍي ويئي. ماڻهن ۾ اِهو وشواس پيرڻ لاءِ تہ توهين ڊڄو نہ. ڪراچيءَ ۾ جيڪا ريلي ٿي، تنهن جو ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي چيئرمن هئو. لکن جي اَنداز ۾ ماڻهو هئا.

پوءِ مان جڏهن ميرٺ ۾ ساٿس گڏجڻ ويس، تہ هن مونکي چيو تہ ڪيس خبر آهي تہ پنجاب ڇا ڪجهہ سٺو آهي. تنهن ڪري تون سنڌ ۾ اهو ڪم ڪر تہ جيئن سنڌي هندن کي سلامتيءَ سان پاڪستان مان ڪڍيو وڃي. اُتي رهڻ جو ڪوبہ فائدو ناهي. مون اَچي اُهو ڪم ڪيو. مان اُن وقت سڄي سنڌ پرانت لاءِ راشٽريہ سويم سيوڪ سنگهہ جو سنڀاليندڙ هوس. تنهن لاءِ جدا جدا شهرن ۾ وڃي، نئي ڪان ڪراچيءَ تائين، مان گهمندو رهيس. مون اُتي ماڻهن ڪان پيسا بہ گڏ ڪيا. سيٺ ڪشنچند چيلارام پاڻ مونکي پيسا ڏنا تہ تون ڪيئن بہ ڪري ريلوي جو ٽڪيٽون وٺي ماڻهن کي ٻاهر موڪل. ٽڪيٽن جو هڪڙو حصو منهنجي هٿن ۾ هئو، ٻيو مُکي منگهارام جي هٿ ۾. هُن مونکي گهٽيئي ٽڪيٽون ڏنيون تہ ”جيڪي بہ توکي ڏيٽيون آهن، سي ماڻهن کي ڏي ۽ ڪجهہ پيسا پڻ ڏي.“ اُن دور ۾ جيڪي بہ مونکي پيسا مليا، اُهي سڀ مون اُنهن جي ئي ڪم ۾ لڳايا. مان سمجهان ٿو تہ مون هزارين ماڻهن کي اُتان حيدرآباد اِسٽيشن تان روانو ڪيو هوندو!

**جوَهراڻي:** **آزاديءَ جي هلچل ۾ هيمو ڪالاڻيءَ جو رول ڪهڙو اَچي ٿو؟**

**واڌواڻي:** هيمو ڪالاڻي اَڳ ۾ هئو. اُهو ١٩٤٣ع ۾ شهيد ٿيو. اُن کي ڦاسي ڏني ويئي. اُهو مون ڪان بہ سال ننڍو هئو. مان جنهن اِسڪول ۾ پڙهيس، هو بہ اُن ۾ ئي پڙهندوهئو.

**جوَهراڻي:** **سنڌ ڇڏڻ وقت، اَسان جي اَڳوانن جيڪي اَسان سان واعدا ڪيا؛ تہ هندوستان ۾ بہ اَسان کي ساڳيا سک ساڌن ۽ حق ملندا! هتي اَچڻ سان تہ اُهو ڪجهہ حاصل نہ ٿيو! اَڄ اَسين راڄنيتي طور ڪهڙي مقام تي پهتا آهيون؟**

**واڌواڻي:** مان سمجهان ٿو تہ اها هڪ غلط ڪلپنا آهي. اَڳوان جيتوڻيڪ اَسان کي ڇڏي ويا، پر هنن کي ڇا مليو! بہ چار Positions مليون. ڪو گورنر ٿيو، ڪو ڪسٽوڊين ٿيو. اِئين سڀ وچي عهدن کي لڳا. گهنشامداس هجي، جيرامداس هجي، توڙي چوئٿرام هجي. چوئٿرام تہ سدائين Refugees جي شيوا ڪندو رهيو. گوپ سڌوا، جيني سپاهيملاڻي، اُهي تہ پنهنجن پنهنجن ڪمن ۾ وچي لڳا! اُنهن کي سماج جو خيال ڪونہ هئو. نہ ڪو هوُ گهميا ڦريا ۽ دورا ڪيائون. پر جيڪي لوڪل ماڻهو هئا، اُنهن ۾ ڪي شيواداري هئا ۽ ڪم ڪندا رهيا.

**جوَهراڻي:** **ورهاڱي جي ڪري اَسان جي سڀيتا ۽ ٻوليءَ کي ڌهرم رسيو آهي ۽ اُن جو وڪاس نہ ٿي سگهيو. ڇا اهو برابر آهي؟**

**واڌواڻي:** نہ! اِئين ناهي! شروع ۾ تہ اُنهن ماڻهن کي سلام آهي، جن هتي اَچي اِسڪول کوليا. ١٩٤٧ع ۾ ئي سنڌي اِسڪول کليا. جيڪي بہ هيڊماسٽر آيا، ماسٽر آيا؛ تن ڳوٺ ڳوٺ ۾ هڪدم اِسڪول شروع ڪيا.

**جوَهراڻي:** **اُهي ڪهڙا دور انديش سڄڻ هئا، جن اَچڻ سان ايڊيوڪيشن جي فيلڊ ۾ ڪاريہ شروع ڪيو؟**

**واڌواڻي:** ڌرمداس ڪشتريا، سکر ۾ ماڊل اِسڪول جو هيڊماسٽر هئو. ڪي. ايم. ڪندناڻي ۽ ٻئرسٽر هوتچند آڏواڻي، ٽي. ايم. آڏواڻي؛ اُنهن هتي اَچي ڪاليج کوليا؛ جنهن هند ڪاليج جو پايو وڌو. ڳوٺ ڳوٺ ۾ گهٽيئي ننڍا ننڍا اِسڪول پڻ کليا.

**جوَهراڻي:** **اُهو گهڻو پوءِ! شايد جڏهن اَسين آرٿڪ طور مضبوط ٿي چڪا هئاسين!**

**واڌواڻي:** نہ! اِها غلط ڳالهہ آهي! پهريان ڏہ پندرهن سال تہ اُنهن ماسترن بيحد جفاڪشي ڪئي. اُن وقت تائين تہ سنڌي ٻولي قائم هئي! سنڌي سنسڪرتي بہ قائم هئي! ڳوٺ ڳوٺ ۾، ڪيمپ ڪيمپ ۾ پهريان پندرهن سال اَسان جي ڀاشا ۽ سنسڪرتيءَ کي ڪوبہ هاڃو ڪونہ رسيو هئو.

**جوهراڻي: ڇا اِهو صحيح ناهي تہ اَسان سنڌين جي، سموري ڀارت ۾ پکڙجي وڃڻ سبب آهستہ آهستہ ٻوليءَ جو واهپو گهٽ ٿيندو رهيو؟**

**واڌواڻي:** سنڌي ٻوليءَ جو نقصان تڏهن ٿيو، جڏهن سنڌين شاهوڪار ٿيڻ لاءِ صرف ڏنڌي واپار ۾ ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو!

**جوهراڻي: اَڄ اَسين سنڌي اَهڙي موڙ تي پهتا آهيون، جو اَسان جي نوجوانن مان سنڌي هئڻ جو جذبو ئي ختم ٿي ويو آهي. پنهنجي گهرن ۾ بہ ٻارن کي ٻڌائڻو ٿو پوي تہ اَسين سنڌي آهيون. اَسان جي ٻولي، سنڌي آهي. ان لاءِ توهين ڪنهن کي جوابدار ٺهرائيندا؟**

**واڌواڻي:** جوابداري سڄي سماج جي آهي! اَڄ جيڪا اَنگريزيت هندوستان تي حاوي ٿي ويئي آهي، اُها وڏي جوابدار آهي. اُن کي مٽائڻ لاءِ، ويچار ڏيڻ لاءِ ڪير بہ ٻاهر ڪونہ ٿو نڪري! اَڄ تہ هتي نيشنل لينگئيج هندي بہ چڻ ڪونہ رهي آهي. سائوٿ ۾ تہ اُن جي خلاف مووومينٽ پيئي هلي!

**جوهراڻي: پر سنڌي تہ اَسان جي ماتر ڀاشا آهي!**

**واڌواڻي:** هندي بہ ڪيترن جي ماتر ڀاشا آهي، اَڄ اُها بہ ڦٿڪي پيئي! اُن جي مٿان بہ اَنگريزيت حاوي آهي!

**جوهراڻي: ان حالت ۾ اَوهان جو ڪهڙو سجهاءُ آهي؟**

**واڌواڻي:** مان تازو ’نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگئيج‘ (NCPSL) جو وائيس چيئرمن هوس. مون ٽي سال اُتي ڪم ڪيو. اُنهن ٽن سالن ۾ مون پهرين Proposal اِها ڏني تہ راشٽر ڀاشا پرچار

سمتيءَ جيان سڄي هندوستان ۾ سنڌيءَ جو ڦهلاءُ ڪيو وڃي. ان نموني اَسين بہ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ٽن سالن جا پنهنجا ڪلاس هلايون.

اهو پروپوزل پاس ٿيو. بجيٽ Sanction ٿي. ڪي. آر. ملڪاڻيءَ جي ڏينهن ۾ اهو سڄو ڪم پورو ٿيو. ان ڪانپوءِ مون اُن کي Execute ڪرڻ شروع ڪيو. ڪتاب نهراياسين. ٽريننگ ڪيمپس ٿيون. ٽريننگ ڪلاس ٿيا. اُهو سڀ ڪرڻ ڪانپوءِ ٢٠٠٣ع ۾ اُهي Regular ڪلاس شروع ٿيا. پهرئين سال اُن ۾ ١٣٠٠ ٻار هئا، جيڪي چڱي طرح سنڌي ٻولي پڙهي نڪتا آهن.

**جوَهراڻي:** **توهان سمجهو ٿا تہ اَسان جي سماج پنهنجي جاتيءَ جي ليکڪن ۽ اَديبن ڏانهن بہ ايترو ڌيان ڪونہ ڏنو آهي؟**

**واڌواڻي:** اِها ڳالهہ غلط آهي! بلڪل غلط ڳالهہ آهي! سنڌي ليکڪن کي جيترا اِنعام ۽ جيتري‌سنڀال ملي آهي، سا سموري هندوستان ۾ ٻي ڪنهن بہ جاتيءَ جي ليکڪن کي ڪونہ ملي آهي!

**جوَهراڻي:** **اَسين هن مهل چنتا ۾ ٻڏل آهيون، تہ اَسان جي ٻولي ختم ٿي رهي آهي، ٻولي ختم ٿي تہ جاتيءَ کي ڌهڪ رسندو. اُن باري ۾ وويڪانند ايڊيوڪيشن سوسائٽي، جنهن جو پايو حشو آڏاوڻيءَ وڌو هئو، اُتي سنڌي تعليم ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪهڙا نوس ڪاريہ هلن پيا؟**

**واڌواڻي:** تعليم لاءِ ڪاريہ هلي ٿو! سنڌي ٻولي بہ اَسان جي اِسڪولن ۾ پنجين درجي کان وني Compulsory آهي. اَسان وٽ ’وويڪ سنڌي کيندر‘ هڪ اِنسٽيٽيوشن آهي، جيڪو وويڪانند سوسائٽيءَ کوليو آهي. اُتي اَسان سنڌي اَدب جي بچاءَ لاءِ هڪ لائبريري کولي آهي. گهڻن ماڻهن اُن لاءِ ڊونيشن بہ ڏنو آهي، تہ اُها لائبرري بہ سني هلي پيئي. اَسان جو ويچار آهي تہ هڪ ’سنڌو يون‘ کڙو ڪيون. اَسان اُن لاءَ سٺ هزار اسڪوائر فوٽ جڳهہ رکي آهي، تہ اُتي هڪ اَهڙو ’سنڌو يون‘ ٺاهيو وڃي؛ جتي اَهڙيون تصويرون ۽ Statues هجن، جو جڻ سنڌ Alive ٿيو وڃي! ويدن جي زماني کان

وني! ويد، سنڌ ۾ لکيا ويا هئا ۽ اَهڙي قسم جو هڪڙو ميوزيم ٺاهيو وڃي، جيئن سنڌ زنده ٿي اُٿي!

**جوَهراڻي:** **سنڌين جي پياري نيتا لال ڪرشن آڏواڻيءَ سان توهان جو ويجهو سنبنڌ رهيو آهي. اُن سان گڏ گذاريل وقت جا ڪي واقعا ٻڌائيندا؟**

**واڌواڻي:** جڏهن لال ڪرشن آڏواڻيءَ سان منهنجي ملاقات ٿي، تڏهن حيدرآباد ۾ 'مارشل لا' لڳل هئو. حُرن جي Problem سبب ۱۹۴۳ع ۾ اُتي مارشل لا هو. اُن مارشل لا وقت سنگهہ جون شاخائون، اَڄ وانگر کليل ميدان تي کليو ڪلايو ڪم ڪونہ ڪنديون هيون. پر اَسين گهرن ۾ گڏ ٿيندا هئاسين. هڪ گهر ۾ ڏه پندرهن ڄڻا. ٻئي گهر ۾ ڏه پندرهن ڄڻا. ۱۴۴ قلم لڳايل هئو. جنهن ڪري وڏيڪ ڄڻا گڏجي ڪونہ سگهندا هئاسين.

اُن مهل مان پرانت جو مکيہ اَڌڪاري هوس. اُن وقت لال ڪرشن آڏواڻي ڪراچيءَ مان حيدرآباد آيو. هوُ ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هئو. پوءِ حيدرآباد ۾ اَچي رهيو. اُتي هوُ شاخا ۾ ايندو هو، جتي منهنجي ساڻس واقفيت ٿي.

**جوَهراڻي:** **توهان هينئر پوري هندستان جي پنچايتن کي گڏ ڪري سنگهٽن ٺاهڻ جو ڪاريہ هٿ ۾ ڪنيو آهي. اُن جي پٺيان توهان جو ڪهڙو مقصد آهي؟**

**واڌواڻي:** مون پهرين جڏهن ڪلپنا ڪئي، تہ سنڌي سکڻ کان سواءِ اَسان جو سماج زنده نہ رهندو. مون سنڌي سکڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون، مون ڄڻ تہ Rails تي هڪ ڊبو هلايو آهي. مان سمجهان ٿو، تہ هاڻ اُن اِنجڻ سان ٻيا ڊبا گڏجندا ويندا. Movement وڌندي ويندي. اهو منهنجو وشواس آهي. اِهو هڪ نوس ڪم آهي.

پوءِ مونکي خيال آيو تہ جيئن تہ سنڌين کي اَڄ ڪوبہ آواز ڪونهي. ڪا راهنمائي ڪانهي ۽ هو هڪ آواز سان يڪمشتي ۽ ايڪتا سان نٿا رهن. اها ايڪتا جيڪڏهن اَسان ۾ اَچي، تہ اَسين جيترو اَڄ اُپريا آهيون، جيڪر اُن کان بہ گهڻو مٿي اُپريل هجون ها.

ان لاءِ مون ڇهن مهنن کان هڪ هلچل شروع ڪئي آهي ته سڄو هندوستان ته ڇا، پر پوري دنيا جي سنڌي پنچايتن جو سنگهٽن ڪيو وڃي. مان ان ڪري اِنٽرنيشنل سنڌي سميلن، لاس اينجلس ۾ ۽ پوءِ ان لاءِ لنڊن ۾ ويو هوس ۽ اُتي به مون اهائي ڳالهه دهرائي.

اَڄ اهو سميلن يونائيٽيڊ اِسٽيٽس جي اَٺن States ۾ ٿيو آهي پر ٻين اَٺن States ۾ نٿو ڪيو وڃي. ڪير اُن لاءِ ڪم نٿو ڪري، جو ڪنهن جي به من ۾ اِهو خيال نٿو اَچي ته اِن ڪم کي ڪيئن وڌايو وڃي. ڏک جي ڳالهه ته اِها آهي ته جڏهن پهريون اِنٽرنيشنل سنڌي سميلن ٿيو هو، ته اُن ۾ ٢٢٠٠ ڊيليگيٽ هئا؛ پر هينئر جڏهن لنڊن ۾ ٿيو ته ٥٠٠ ڊيليگيٽ به مس آيا. اُن کي وڌائڻ پنيان هڪ وڏي طاقت کپي.

Ground Reality تي جيڪو ڪم ٿيڻ کپي، اُهو ٿئي نٿو. گڏجڻ مان فائدو آهي. گڏجڻ کپي. ڇو ته گڏ ٿيڻ مان ئي فائدو ٿيڻو آهي. پر اُن گڏ ٿيڻ سان گڏ ٿنگون هلائڻ به ضروري آهن. اَلڳ اَلڳ ماڻهن جا جيڪي ويچار اَچن، اُنهن کي سنگهٽت ڪري هڪ ڪينال ڪڍن. اهو ٿئي نٿو! پاڻيءَ جو وهڪرو هليو، سمنڊ ۾ ويو، ڳالهه ڇٽي!

پر اُن مان جيڪڏهن ننڍا ننڍا وهڪرا، نهرون نارون ڪڍيون وڃن ته ڪجهه ٿي سگهي ٿو. اُن کي سنگهٽت ڪرڻ ۽ هڪ Direction ڏيڻ جي ضرورت آهي.

مون ان ساڳي Direction تي مون هينئرڪاريه شروع ڪيو آهي. هينئر بمبئيءَ ۾ سڄي هندوستان جي پنچايتن جي ميٽنگ ڪرڻ جو ويچار آهي. زالن جون به ميٽنگون ٿينديون. جوان به اَچڻ کپن. هينئر اُهو ڪم شروع ڪبو؛ سڄي دنيا ۾ ڪبو. اهو سنڌ ۾ ٿيو هو. سنڌ ۾ ١٨٨٠ع ۾ سيٺ وشنداس نهالچند هئو. جنهن اهو ڪم شروع ڪيو هو. هن هڪ وڏو گرنٽ به لکيو آهي ۽ پنهنجي لائيف ۾ پيسا ڏنا؛ سيکجهه ڏنو. سنڌ ۾ ٻه ٽي ڪانفرنس ڪيائون. اُنهن جو ڏاڍو اَثر ٿيو.

١٩٢٥ع کان وٺي ١٩٤٧ع تائين جيڪو پنچايتن جو رول هو؛ سو

تمام سندر هئو ۽ ماڻهو اُنهن کي مڃيندا به هئا. اَهڙيون پنچايتون هتي پيدا ڪجن؛ جنهن کي سوشل پاور هجي ۽ سنڌي اُن جو آواز اونائين. هڪ هڪ شهر ۾ پنچايتون هجن. اَڄ اُجين ۾ ستاويهه پنچايتون آهن. هڪ دفعي مان اُتي ويس، ۽ چيو مان ته ستاويهن جاين تي مان ڪونه اَچي سگهندس. توهان هڪڙو ئي ميڙ ڪيو. هنن اُهو ميڙ ڪيو. بيحد Successful ميڙ ٿيو. هڪ هڪ پنچايت کي چيائون ته توهين پنهنجا اِسٽال لڳايو. اُجين ۾ ڏه هزار ماڻهو اَچي گڏ ٿيا ۽ ماڻهن ۾ وڏو جذبو هو.

اَهڙي قسم جو پنچايتن جو هيءُ ڪم ٿيڻ کپي. تمام چڱي پيماني تي وڌڻ کپي. اُنهن جا Representative هئڻ کپن. اُنهن لاءِ ڪم به گهڻيئي آهن. ڪيترا ئي سماجڪ ڪم ڪريسگهجن ٿا. ماڻهن جي ووٽنگ لسٽ ٺاهي سگهن ٿا. ماڻهن کي آماده ڪن، ته توهين ووٽ ڏيو.

**جوَهراڻي: توهان پنهنجي اَنيَوَ مان سنڌي سماج کي ڪو سنديش ڏيڻ چاهيندا؟**

واڌواڻي: منهنجو پيغام اِهو آهي ته هرهڪ سنڌي پنهنجي گهر ۾ سنڌي ڳالهائي. اِئين سمجهي ته مان سنڌي ڪٽنب ۾ پيدا ٿيو آهيان. مان ته پنهنجو مثال ڏيندو آهيان، ته جيڪي مون غريبيءَ جون تڪليفون ڏٺيون آهن، اُنهن مان مون کي اِهو ويچار ايندو آهي ته مان پنهنجي ڪٽنب کي شاهوڪار بڻايان ۽ محنت ڪريان. اَهڙو ڪم ڪريان، جو منهنجو ڪٽنب چڙهي پوي. اَڄ منهنجا سڀ پائر پينر سُکي آهن. مون کي ڪا چنتا ناهي. چاڪاڻ ته اَسان اُها محنت جي هڪ روايت شروع ڪئي. ننڍي هوندي ماستري ڪئي؛ ٽيوشن ڏنيون ته پوءِ گهر چڙهيو!

ساڳئي نموني اِهو ويچار ايندو اَٿم ته پڳوان مونکي سنڌي سماج ۾ موڪليو آهي. سنڌي سماج جيڪڏهن اَڄ ڪنهن به مصيبت ۾ مبتلا آهي، ته مان اُن لاءِ ڏسان ته اها مصيبت ڪيئن دور ڪيان! جاتيءَ کي ڪيئن اَڳتي وڌايان! منهنجو سيني جوانن کي چوڻ

آهي تہ توهين جنهن ڪٽنب ۾ پيدا ٿيا آهيو، جنهن سماج ۾ پيدا ٿيا آهيو، جنهن ديش ۾ پيدا ٿيا آهيو، اُنهن ٽنهي طرف توهان جون Duties آهن. اُهي توهان کي پوريون ڪرڻيون آهن!

ان لاءِ ڪاريہ ڪرم آهي؛ سنڌي ڪلاس هلايو، سنڌي ڳالهايو، سنڌي ويچار، سنڌي ڪاڏو، سنڌي رهڻ ڪرڻ، سنڌي روايتون نڀايو، سنڌي ڏڻ وار ملهايو ۽ ان نموني پنهنجي Identity قائم رکو! اُن ڪان پوءِ پنچايتن سان گڏجي ساموهڪ ڪم ڪريو. ساموهڪ وواه بہ سنا آهن. اُنهن سان بہ گڏجڻ جو اَحساس ٿئي ٿو. پنهنجو صاف سٿرو جيون رکو. اُن سان ئي دنيا ۾ آدرش سماج ٺهي سگهي ٿو!

**جوَهراڻي:** **مهرباني! توهان جي املهہ ويچارن ۽ صلاحن جي لاءِ وڏي مهرباني!**

**واڌواڻي:** مهرباني!